# سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريه 1983

# SINDH ORDINANCE NO.IX OF 1983

# سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1983

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1983

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 21 جي ترميم

Amendment of section 21 of Sindh Ordinance XII of 1979

3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 37 جي تبديلي

Substitution of section 21 of Sindh Ordinance XII of 1979

4. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 37_A جي تبديلي

Substitution of section 37_A of Sindh Ordinance XII of 1979

5. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII ۾ دفعه 39_A جو اضافو

Insertion of section 39_A in Sindh Ordinance XII of 1979

6. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي شيڊول V جي ترميم

Amendment Schedule V to Sindh Ordinance XII of 1979

# سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريہ 1983

# SINDH ORDINANCE NO.IX OF 1983

# سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1983

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1983

[13 آگسٽ 1983]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

| | |
|---|---|
| تمهيد (Preamble) | ڇا جيئن تہ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛ |
| | هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووبزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي: |
| مختصر عنوان ۽ شروعات Short title and commencement | 1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1983 سڏيو ويندو. (2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو. |
| 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 21 جي ترميم Amendment of | 2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 21 ۾، ذيلي دفعہ (2) لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو: |

| | |
|---|---|
| section 21 of Sindh Ordinance XII of 1979 | “(2) جيڪڏهن هڪ ميمبر: |
| | (a) دفعہ 37 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ ڄاڻايل ڪي نااهليون ظاهر ٿيون آهن، يا |
| | (b) هن آرڊيننس، جي گنجائش، قاعدن يا باءِ لاز سان ٽڪراءَ ۾ ڪو قدم ڪنيو آهي يا کڻي رهيو آهي، يا |
| | (c) سندس چونڊ کان پوءِ جڙيل ڪنهن گروپ يا ايسوسيئيشن جو ميمبر آهي يا ڪنهن بہ طريقي ان سان لاڳاپيل آهي، ڪائونسل جي ڪارروهنوار سان گڏ اهڙي گروپ يا ايسوسيئيشن جو ڪم ڪري رهيو آهي يا ان سان لاڳاپيل ڪو ڪم ڪري ٿو يا ڪائونسل ۾ ليڊر آف هائوس يا مخالف ڌر اڳواڻ ٿئي ٿو. |
| | (d) ڪائونسل جي لڳاتار ٽن گڏجاڻين ۾ بنا ڪنهن جوڳو سبب ڄاڻائڻ جي غير حاضر رهي ٿو يا |
| | (e) آفيس جو حلف کڻڻ کان انڪار ڪري ٿو ڪيس ٻڌڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ ڪانپوءِ، حڪومت طرفان ڪيس ميمبرشپ تان هٽائي سگهجي ٿو.”. |
| 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 37 جي تبديلي | 3. ڄاڻايل آرڊيننس ۾، دفعہ 37 لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو: |
| | اميدوارن جي اهليت ۽ نااهلي |
| Substitution of section 21 of Sindh Ordinance XII of 1979 | “37 (1) هڪ شخص ذيلي دفعہ (2) جي گنجائشن موجب چونڊجڻ جو اهل هوندو ۽ ميمبر ٿيندو جيڪڏهن: |
| | (a) سندس عمر پنجويهہ سال ٿي چڪي آهي؛ |
| | (b) سندس نالو ڪائونسل جي اليڪٽورل رولس ۾ اچي ٿو جنهن تان اهو چونڊ وڙهڻ چاهي ٿو. |

(2) هڪ شخص چونڊجڻ لاءِ نااهل هوندو ۽ ميمبر نہ ٿي سگهندو جيڪڏهن:

(a) هي پاڪستاني شهري ناهي يا سندس پاڪستاني شهريت ختم ڪئي وئي آهي؛

(b) جيڪڏهن سندس ڏيوالو نڪتل آهي ۽ اهڙو ڏيوالو نڪرڻ کان پوءِ ڏهہ سالن کان گذارو ڪري رهيو آهي؛

(c) سندس دماغي توازن درست ناهي ۽ مجاز عدالت پاران اهڙو اعلان ڪيو ويو آهي يا طبعي طور معذور آهي؛

(d) مٿس ڪنهن ڏوهہ ڪرڻ جو الزام آهي، ڪيس قيد جي سزا ٻڌائي وئي آهي ۽ ٽن سالن جو عرصو يا ان کان گهٽ عرصو جيئن حڪومت ڪنهن معاملي ۾ طئي ڪري، جيڪڏهن سزا ختم ٿيڻ واري تاريخ اجا گذري نہ وئي آهي؛

(e) هي سرڪاري نوڪري ۾ پگهاردار آهي يا قانون ساز باڊي جي نوڪري ۾ آهي يا سندس اهڙي نوڪري کان رٽائرمينٽ يا برطرفي کي ٻہ سال نہ ٿيا آهن؛

(f) جيڪڏهن هن کي ٺيڪي ۾ ڪو ڪم ڪنيل آهي يا ڪائونسل کي شيون فراهم ڪرڻيون آهن يا اهڙن لاڳاپيل معاملن ۾ ٺيڪي هيٺ آهي؛

(g) هن پاڪستان جي نظريي جي مخالفت ڪئي آهي يا ڪندو رهيو آهي يا اهڙي گروپ جي ميمبر طور ڄاتو ويندو آهي، جيڪو پاڪستان جي مفادن، سلامتي يا استحڪام کان مٿانهين سرگرمين ۾ ملوث آهي؛

وضاحت: هن شق جي مقصد لاءِ اظهار "پاڪستان جي مفادن، سلامتي يا استحڪام کان مٿانهين سرگرمين" ۾ ماڻهن جي ڪنهن طبقي کي قانون جي ڀڃڪڙي ڪرڻ ۽ ڇڪتاڻ لاءِ

هشي ڏيڻ بہ شامل آهي؛

(h) هي وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون موجب اليڪٽو باڊي جي ميمبرشپ لاءِ نااهل قرار ڏنو ويو آهي.

(3) ڪو بہ شخص چونڊجڻ جو اهل نہ هوندو ۽ ميمبر نہ ٿيندو جيڪڏهن هي 20 ڊسمبر 1971 تي يا ان ڪانپوءِ ڪنهن ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو ميمبر رهيو آهي، ڪنهن بہ نالي سان سڏجي، يا مقامي، ضلعي، صوبائي يا ملڪي ليول جي سياسي پارٽي جو عهدو رکندڙ رهيو آهي، بشرطيڪ فوري طور تي سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1983 جي لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ اهو وفاقي يا صوبائي ڪابينا جي ميمبر يا ڪنهن ڪائونسل جي وفاقي يا صوبائي ڪائونسل جي ميمبر تي لاڳو نہ ٿيندو.

(4) جيستائين ڪجهہ ذيلي دفعہ (3) جي متضاد نہ هجي تہ حڪومت ڪيس ڪيل گذارش جي بنياد تي ڪنهن شخص کي لکت ۾ اميدوار بڻائڻ جو حڪم ڏئي سگهي ٿي.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 37_A جي تبديلي

Substitution of section 37_A of Sindh Ordinance XII of 1979

4. جاٽايل آرڊيننس ۾، دفعہ 37_A لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

پارٽي بنيادن تي چونڊ تي پابندي

“37_A (1) جستائين هن آرڊيننس جي ڪنهن ٻين گنجائش جي متضاد نہ هجي، اهڙي چونڊ لاءِ سڏي ريت يا اڻ سڏيءَ ريت هن آرڊيننس تحت حصو نہ ٿو وٺي سگهي:

(a) پاڻ کي اميدوار يا هڪ سياسي پارٽي جو نمائندو پيش ڪري، يا نشان، جهنڊو يا اهڙي ڪنهن شئي جو نماءُ ڪري يا ڪٽي جنهن سان سندس ڪنهن اهڙي پارٽي سان لاڳاپو ظاهر ٿئي؛

(b) پارٽي بنيادن تي يا ڪنهن سياسي پارٽي جي منشور جي شرطن تي يا پنهنجي مخالف تي پارٽي وابستگي سبب ووٽ يا سهڪار حاصل ڪري؛

(c) ڪنهن سياسي پارٽي کان ڪا مالي يا ٻي مدد حاصل ڪري؛

(2) جيڪڏهن اليڪشن اٿارٽي يا ان جو ميمبر يا ان طرفان بااختيار بڻايل ڪو شخص جيئن اها مناسب سمجهي، اهڙي جاچ کانپوءِ مطمئن آهي ته ڪو شخص ذيلي دفعه (1) جي گنجائش جي ڀڃڪري ڪري رهيو آهي يا ڀڃڪڙي ڪندي چونڊجي آيو آهي، اها يا هي حڪم ڪري سگهن ٿا ته ان شخص کي اهڙي چونڊ جي اميدوار ٿيڻ کان منع ڪيو وڃي، جيئن معاملو هجي، ميمبر ٿيڻ تي پابندي وڌي وڃي، ۽ چئن سالن جي عرصي لاءِ ميمبر چونڊجي اچڻ کان نااهل ٿي ويندو؛

بشرطيڪ اهڙو ڪو به حڪم لاڳاپيل شخص کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ کانسواءِ جاري نه ڪيو ويندو.”.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII ۾ دفعه 39_A جو اضافو
Insertion of section 39_A in Sindh Ordinance XII of 1979

5. ڄاڻايل آرڊيننس ۾، دفعه 39 کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

“39_A ڪا به عدالت ڪنهن ڪارروائي تي غور نه ڪندي ۽ ڪائونسلز جي چونڊن جسان لاڳاپيل ڪنهن اٿارٽي يا عملدار طرفان کنيل ڪنهن قدم، ڪارروائي يا جاري ڪيل حڪم يا ان سان لاڳاپيل معاملن تي ڪو حڪم يا هدايت جاري نه ڪندي.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي

6. ڄاڻايل آرڊيننس ۾، شيڊول V جي حصي II جي داخلا نمبر 4 کي ختم ڪيو ويندو.

| | |
|---|---|
| شيڊول V جي ترميم<br>Amendment Schedule V to Sindh Ordinance XII of 1979 | نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي. |